# جنت جي سڀ کان وڏي نعمت

**17-December-2020**

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

17 ڊسمبر 2020 تي دعوت اسلامي جي هفتہ وار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيندڙ بيان

# جنت جي سڀ کان وڏي نعمت

هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ:

- ❖ جنت جي سڀ کان وڏي نعمت
- ❖ جنتي نعمتن جو بيان
- ❖ جنت جا وَڻ
- ❖ 8 جنتن جا نالا

پيشڪش
اسلامڪ ريسرچ سينٽر (دعوت اسلامي)
ترجمو
ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ(دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# جنت جي سڀ کان وڏي نعمت

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت بہ صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. ”فتاويٰ شامي“ ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري ۽ ڪجھ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جو چاهي ڪري **(يعني هاڻي چاهي تہ کائي پي يا سمهي سگهي ٿو.)**

## درود پاڪ جي فضيلت

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: **جيڪو مون تي هڪ ڏينهن ۾ هڪ هزار ڀيرا دُرود شريف پڙهندو، اهو ان وقت تائين نہ مرندو جيستائين جنّت ۾ پنهنجو مقام نہ ڏسي وٺي.** (الترغيب والترهيب، کتاب الذکر والدعا،الترغيب فی اکثر الصلاة علی النبی،۲ /۳۲۶، حديث:۲۵۹۰)

منتظر ہیں جنتیں اس کے لیے ورد ہے جس کا ثنائے مصطفٰے [1]

[1] ...... قبالۂ بخشش

**مختصر وضاحت!** اُن آقا کريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ تي ڪروڙين درود هجن جيڪي هر بي سهاري جو سهارو آهن ۽ ان آقا تي لکين سلام جيڪي هر بي خبر جي خبر رکندا آهن.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" **يعني** مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.

(المعجم الکبیر،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻہ مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سنيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

**بيان ٻڌڻ جون نِيّتون**

❖ سنين سنين نيتن سان اوّل تا آخر بيان ٻڌو. ❖ پوري توجهہ سان بيان ٻڌڻ جي نيت ڪريو، ❖ ادب سان ويهڻ جي نيت ڪريو. ❖ جيڪڏهن اوهان وٽ قلم (Pen/Pencil)، ڊائري آهي تہ اَهمّ ڳالهيون نوٽ ڪرڻ جي بہ نيت ڪريو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اڄ جي بيان جو موضوع آهي "**جنّت جي سڀ کان وڏي نعمت؟**" جنهن ۾ اسان ٻڌنداسين تہ جنّت جي تياري ڪيئن ڪري سگهجي ٿي؟ جنّت جي **سڀ کان وڏي نعمت** ڪهڙي آهي؟ ڪجهہ جنتي نعمتن جو بيان، جنت جي درجات جو تعداد، جنّت جي سڀ کان وڏي نعمت، جنت ۾ وٺي وڃڻ وارا عمل، ان کان علاوه الله پاڪ جي هن عظيم نعمت "**جنّت**" بابت ڪوڙ ساري مفيد معلومات ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪنداسين. سمورو بيان مڪمل توجهہ سان ٻڌڻ جي درخواست (Request) آهي.

**الله** پاڪ پنهنجي فضل وڪرم سان اسان کي نعمتن ۽ راحتن وارا گھر يعني جنت ۾ جڳهه نصيب فرمائي. اٰمين

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اچو! سڀ کان پهريان جنتي نعمتن جي بيان بابت ٻڌون ٿا:

## گهٽ درجي وارو جنّتي

حضرتِ سَيِّدُ نا مُغِيره بن شُعبه رَضِیَ اللہُ عَنْہ کان رِوايت آهي ته مَالڪِ جَنّت، مَحبُوب رَبُّ العِزَّت صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو ته حضرتِ سَيِّدُنَا موسيٰ ڪَلِيمُ الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلام جڏهن پنهنجي ربّ کان سڀ کان گهٽ درجي واري جنّتي جي باري ۾ سوال ڪيو ته ان جو مرتبو ڪيڏو وڏو هوندو؟ ته الله پاڪ فرمايو: اهو شخص جنّتين جي جنت ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ ايندو ته ان کي چيو ويندو ته ”جنت ۾ داخل ٿي وڃ“ هو عرض ڪندو: يا رب! ڪيئن داخل ٿيان؟ جڏهن ته ماڻهو پنهنجي محلن ۾ هليا ويا ۽ انهن پنهنجون منزلون ۽ رتبا ماڻي ورتا آهن. ته الله پاڪ فرمائيندو ته ڇا تون هن ڳالهه تي راضي آهين ته توکي جنت ۾ دنيا جي ڪنهن بادشاھ جيتريون نعمتون ڏنيون وڃن.؟ ته اهو عرض ڪندو، ”يا رب! مان راضي آهيان“. الله پاڪ ان کي فرمائيندو، تنهنجي لاءِ اهو ئي آهي ۽ ان جي مثل ۽ ان جي مثل ۽ ان جي مثل، (رب رحيم جي گفتگو جاري هئي جو) ٻانهو پنجين ڀيري چئي ويندو اي منهنجا رب! مان راضي آهيان“. ربّ ڪريم فرمائيندو اهو سڀ تنهنجي لاءِ آهي ۽ ان کان ڏهوڻ وڌيڪ به تنهنجي لاءِ آهي ۽ هن کان علاوه هر اها شيءِ جيڪا تنهنجي دل ۽ اکين کي وڻي، (هاڻي اهو شخص) عرض ڪندو اي منهنجا ربّ! مان راضي آهيان. پوءِ حضرتِ سيّدُنا موسيٰ عَلَیہ السَّلام جن سڀ کان اعليٰ درجي واري جنّتي جي باري ۾ سوال ڪيو ته الله پاڪ فرمايو: هي اهي آهن جن کي مون پسند ڪري ورتو ۽ انهن جي عزّت

۽ ڪرامت تي مون پنهنجي دستِ قدرت سان مُهر لڳائي ڇڏي، انهن جي لاءِ اهي نعمتون آهن جن کي نه ڪنهن اک ڏٺو نه ڪنهن ڪن ٻُڌو ۽ نه ئي ڪنهن انسان جي دل تي ان جو خيال گذريو. رسولِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو انهن نعمتن جي تصديق قرآن پاڪ جي هن آيت ۾ آهي:

فَلَا تَعْلَمُ نَفْسٌ مَّاۤ اُخْفِیَ لَهُمْ مِّنْ قُرَّةِ اَعْیُنٍ ۚ
(پ۲۱،السجدة:۱۷)

ترجمهٔ ڪنز الايمان: پوءِ ڪنهن به ساهه کي معلوم ناهي جيڪي اکيون ٺاريندڙ (نعمتون) انهن لاءِ لڪائي رکيون ويون آهن.

ایمان پہ دے موت مدینے کی گلی میں — مدفن مِرا محبوب کے قدموں میں بنا دے
اللہ کرم اِتنا گنہ گار پہ فرما — جنّت میں پڑوسی مِرے آقا کا بنا دے
دیتا ہوں تجھے واسطہ میں پیارے نبی کا — اُمّت کو خدایا رہِ سنّت پہ چلا دے[1]

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## جنّت جا درجا

حضرت عُبَادَه بِن صَامِت رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه بيان ڪن ٿا ته سرڪارِ مڪه مڪرَّمه، سردارِ مدينه مُنَوَّره صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: جَنّت ۾ 100 درجا آهن ۽ هر ٻن درجن ۾ آسمان ۽ زمين جيترو مفاصلو آهي ۽ فردوس سڀ کان بلند درجو آهي. انهيءَ مان جنت جا چار درياء وهن ٿا ۽ ان جي مٿان عرش آهي تنهنڪري جڏهن به توهان الله پاڪ کان سوال (يعني دعا) ڪيو ته فردوس جو سوال ڪيو.
(جامع الترمذی، کتاب صفة الجنة ،باب ماجاء فی....الخ، الحديث۲۵۳۹،۴/۲۳۸)

میری سرکار کے قدموں میں ہی اِن شآءَ اللہ — میرا فردوس میں عطاؔر ٹھکانا ہو گا[2]

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

---

[1] ...... وسائلِ بخشش(مُرمم)، ص۱۱۲
[2] ...... وسائلِ بخشش (مُرمم)، ص۱۸۵

## جَنَّت الفردوس ڪنهن جي لاءِ آهي

حديث سڳوري ۾ پنهنجي رب ڪريم کان جنت الفردوس گهرڻ جو ارشاد فرمايو ويو تہ پنهنجي رب کان گهرو تہ جنت الفردوس گهرو اها سڀ کان اعليٰ جنت آهي، اچو ٻڌون ٿا تہ هن جنت ۾ ڇا آهي ۽ اها ڪن ماڻهن جي لاءِ آهي.

سيپاري 16،سُوره ڪهف جي آيت نمبر107 ۾ اِرشاد آهي:

اِنَّ الَّذِیْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ كَانَتْ لَهُمْ جَنّٰتُ الْفِرْدَوْسِ نُزُلًا ﴿۱۰۷﴾ خٰلِدِیْنَ فِیْهَا لَا یَبْغُوْنَ عَنْهَا حِوَلًا ﴿۱۰۸﴾ (پ۱۶،الكهف:۱۰۷تا۱۰۸)

ترجمۂ ڪنز الايمان: **بيشڪ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا فردوس جا باغ انهن جي مهماني جي واسطي آهن. اهي سدائين انهن ۾ ئي رهندا اُتان جاءِ مٽائڻ نہ چاهيندا.**

تفسير صراط الجنان ۾ آهي: دنيا ۾ اللہ پاڪ تي ايمان آڻڻ وارن ۽ ان جي رضا جي خاطر چڱا عمل ڪرڻ وارن جي لاءِ اللہ پاڪ مهماني جو اِنتِظام جَنَّتُ الفِردَوس ۾ فرمايو آهي. (تفسير كبير، الكهف، تحت الآية : ۱۰۷، ۷ / ۵۰۲، روح البيان، الكهف، تحت الآية: ۱۰۷، ۵ / ۳۰۵، ملخصاً)

حضرتِ سيدُنا ڪعبُ الاحبار رَضِيَ اللهُ عَنْه جو اِرشَاد آهي: ”جنّتُ الفردوس خاص ان شخص جي لاءِ آهي جيڪو نيڪي جو حڪم ڏئي ۽ بُرائي کان منع ڪري.“
(تنبيه المغترين ،ص ۲۳۶)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! آيتِ ڪريمہ ۽ حديثِ مبارڪ اسان جي رهنمائي ڪري ٿي جنهن جنت الفردوس جي سوال ڪرڻ جو حڪم پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو آهي اها نيڪ عملن جي بدلي ۾ ملندي، نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ برائي کان منع ڪرڻ سبب ملندي.

قربان وڃجي منهنجي شيخ طريقت امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي ذات تي جن دعوتِ اسلامي ڪي مقصد ئي اهو ڏنو تہ مون ڪي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي

**ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي ان شاءالله** پاڻ بہ نيڪي ڪرڻي آهي ۽ ٻين کي بہ نيڪ بڻائڻ ۽ گناهن کان بچائي الله جي راھ ڏانهن وٺي وڃڻو آهي ۽ اهو ئي حديثِ مبارڪ جو مفهوم آهي تہ جنت الفردوس ان شخص جي لاءِ آهي جيڪو نيڪي جي دعوت ڏئي ۽ برائي کان منع ڪري. تہ اچو دعوتِ اسلامي جي ماحول سان وابستہ ٿي وڃو اهو اوهان کي دنيا ۾ نيڪي جي ڪمن ۾ لڳائي آخرت ۾ جنت الفردوس جو مهمان بڻائيندو.

## جنّت جي دُعا

اچو! ٻڌون ٿا تہ جنّت جي دعا گهرڻ واري جي لاءِ خود جنّت ڇا دعا گهرندي آهي. حضرت سَيدُنا اَنَسْ بن مَالِڪ رضی اللہ عنہ بيان ڪن ٿا تہ نبين جي سُلطان، سردارِ دو جهان صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم جن ارشاد فرمايو: جنهن ٽي (3) ڀيرا الله پاڪ کان جَنّت جو سُوال ڪيو تہ جَنّت دُعا گهرندي آهي تہ **ياالله** هن کي جَنّت ۾ داخل ڪر ۽ جنهن شخص ٽي (3) ڀيرا دوزخ کان پناھ گهري تہ دوزخ دُعا گهرندو آهي تہ **ياالله** هن کي باھ کان پناھ ۾ رک.[1]

عَفْو کر اور سدا کے لیے راضی ہوجا گر کرم کردے تو جَنّت میں رہوں گا یاربّ

شعر جي وضاحت: اي رب ڪريم تون اسان جي گناهن کي معاف فرمائي اسان کان هميشہ جي لاءِ راضي ٿي وڃ جيڪڏهن تون راضي ٿي وئين تہ جنت منهنجو نڪاڻو ٿيندو.

قرآن پاڪ ۾ بہ جنّت جي نعمتن کي بيان ڪيو ويو آهي: سيپاري 27 سُورَةُ الرَّحمٰن آيت نمبر56 کان 58 ۾ ارشاد آهي:

---

[1] ...... ترمذی، کتاب صفة الجنة،باب ماجاء فی....الخ،۲۵۷/۴ حدیث:۲۵۸۱

فِيْهِنَّ قٰصِرٰتُ الطَّرْفِ ۙ لَمْ يَطْمِثْهُنَّ اِنْسٌ قَبْلَهُمْ وَ لَا جَآنٌّ ﴿۵۶﴾ فَبِاَيِّ اٰلَآءِ رَبِّكُمَا تُكَذِّبٰنِ ﴿۵۷﴾ كَاَنَّهُنَّ الْيَاقُوْتُ وَ الْمَرْجَانُ ﴿۵۸﴾

(پ۲۷،الرحمن:۵۶تا۵۸)

ترجمهٔ کنز الايمان: انهن پٿرٽين تي اُهي عورتون آهن جن مڙس کان سواءِ ٻي ڪي اک کڻي نهاريو نہ آهي انهن کان اڳي انهن کي نہ ڪنهن انسان هٿ لاتو نہ جِنَّ پوءِ پنهنجي رب جي ڪهڙي ڪهڙي نعمت جو انڪار ڪندؤ. ڄڻ تہ اهي لعل ۽ ياقوت ۽ مرجان آهن.

تفسير صراط الجنان ۾ آهي جنهن جو مفهوم ڪجھ هن طرح آهي: جنتن جي محلن ۾ جنّتي مَردن جي لاءِ اهڙيون پاڪيزه گهرواريون هونديون جيڪي پنهنجي مڙس ڪانسواءِ ڪنهن ٻئي ڏانهن اک کڻي بہ نہ نهاريندیون ۽ انهن مان هر هڪ پنهنجي مڙس کي چوندي: مون کي پنهنجي ربّ ڪريم جي عزت و جلال جي قسم! جنت ۾ مون کي توهان کان وڌيڪ ڪابہ شيءِ سٺي معلوم ناهي ٿيندي، ان خداءِ پاڪ جي حمد آهي جنهن توهان کي منهنجو مڙس بڻايو ۽ مون کي توهان جي گهرواري بڻايو. ۽ اهي گهرواريون حورون آهن انهن کي جنت ۾ پيدا ڪيو ويو آهي انهيءَ سبب انهن کي انهن جي جنتي مڙسن کان علاوه نہ ڪنهن انسان ۽ نہ ڪنهن جِنَّ هٿ لڳايو هوندو. ڪجھ مفسرن جي نزديڪ گهروارين مان مراد دنيا جون عورتون آهن، انهن کي ٻيهر ڪنواريون پيدا ڪيو ويندو ۽ ان پيدائش کان پوءِ انهن کي انهن جي مڙسن کان علاوه ڪنهن ٻي هٿ بہ نہ لڳايو هوندو.[1] ۽ اهي جنتي حورون صفائي ۽ رنگت ۾ لعل ۽ مرجان پٿر جيان آهن.[2] جو جهڙي طرح اهي پنهنجي رنگ ۽ بناوٽ ۾ گهڻا خوبصورت آهن اهڙي طرح اهي بہ تمام گهڻيون خوبصورت هونديون.

## جنّتي حورن جي صفائي ۽ خوش رنگي

حضرت عبداللّٰه بن مسعود رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ کان روايت آهي، تاجدارِ رسالت صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: ”جنتي عورتن جي پنين جي سفيدي ستر جوڙن جي

[1] ...... روح البيان ، الرحمٰن ، تحت الآية: ۵۶ ، ۹ / ۳۰۷-۳۰۸ ، خازن ، الرحمٰن ، تحت الآية : ۵۶ ، ۴ / ۲۱۴ ، ملتقطاً

[2] ...... مدارك، الرحمٰن ، تحت الآية: ۵۸ ، ص۱۱۹۶

هينان نظر ايندي ايستائين جو پنين جو گودو بہ نظر ايندو ۽ اهو ان ڪري جو الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو: كَاَنَّهُنَّ الْيَاقُوْتُ وَ الْمَرْجَانُ ۚ﴿۵۸﴾ ۽ ياقوت هڪ اهڙو پٿر آهي جو جيڪڏهن ان ۾ ڌاڳو وجهي ٻاهر کان ڏسڻ چاهيو تہ ڏسي سگهو ٿا.[1]

## جنّت جون حُورون ڪهڙيون هونديون؟

صدرالشريعہ بدرالطريقہ مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه احاديث جي مضمونن کي بيان ڪندي بهارِ شريعت حصو 1، ۾ لکن ٿا: جيڪڏهن حُور پنهنجي هٿ جي تِري زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ ڪڍي تہ ان جي حُسن جي ڪري مخلوق فتني ۾ پئجي وڃي ۽ جيڪڏهن پنهنجو رَئو ظاهر ڪري تہ ان جي خوبصورتيءَ جي آڏو سج ائين ٿي وڃي جيئن سج جي آڏو ڏيئو ۽ جنّتي سڀ هڪ دل هوندا، انهن جو پاڻ ۾ ڪو اختلاف ۽ بُغض نہ هوندو انهن مان هر هڪ کي حورِعِين مان گهٽ ۾ گهٽ ٻہ ٻيبيون (يعني گهرواريون) اهڙيون ملنديون جو ڪين ستر ستر وڳا پاتل هوندا پوءِ بہ انهن جي لباسن ۽ گوشت ٻاهران انهن جي پِنين جو مغز (گودو) ڏسڻ ۾ ايندو جيئن اڇي شيشي ۾ شراب ڳاڙهو نظر ايندو آهي. انسان پنهنجي چهري کي ان جي ڳلن ۾ آئيني کان بہ وڌيڪ صاف ڏسندو. مرد جڏهن ان وٽ ويندو تہ ان کي هر ڀيري ڪنواري محسوس ڪندو. پر ان جي ڪري مرد ۽ عورت ڪنهن کي ڪا تڪليف نہ ٿيندي. جنّت جي حُور ست سمنڊن ۾ ٿُڪ اڇلائي تہ اهي ماکيءَ کان بہ وڌيڪ مِٺا ٿي وڃن. جڏهن ڪو ٻانهو جنّت ۾ ويندو تہ ان جي سيراندي ۽ پيراندي ۾ ٻہ حُورون تمام سُريلي آواز ۾ ڳائينديون پر انهن جو ڪلام شيطاني آلاتِ موسيقي نہ هوندو بلڪ الله پاڪ جي حمد ۽ پاڪائي هوندي. اهي اهڙي سُريلي آواز واريون هونديون جو مخلوق اهڙو آواز ڪڏهن نہ ٻُڌو هوندو ۽ اهو بہ ڳائينديون تہ اسين هميشہ رهڻ واريون آهيون ڪڏهن نہ مرنديوسين، اسين چين واريون آهيون ڪڏهن بہ تڪليف ۾ نہ پونديون سين. اسين راضي آهيون

1 ...... ترمذی ، کتاب صفة الجنة والنار ، باب فی صفة نساء اهل الجنة ، ۴ / ۲۳۹ ، الحديث: ۲۵۴۱

ناراض نہ ٿيندیون سين. مبارڪباد ان جي لاءِ جيڪو اسان جو ۽ اسين ان جون ٿيون سين. ادنيٰ جنّتي جي لاءِ 80 هزار نوڪر ۽ 72 زالون هونديون. (بہارِ شریعت،حصہ ۱،ص،۸۴،۷۹،بتغیر قلیل)

فرما کے شفاعت مری اے شافعِ محشر! دوزخ سے بچا کر مجھے جنت میں بسانا[1]

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## جنّت جون نَهرون

جنت ۾ چار درياء آهن هڪ پاڻي جو، ٻيو کير جو، ٽيون ماکي جو، چوٿون شراب جو، پوءِ انهن مان نهرون نڪري ڪري هر هڪ جي گهر ۾ وهي رهيون آهن. اتان جون نهرون زمين کوٽي نہ بلڪ زمين جي مٿان جاري آهن، نهرن جو هڪ ڪنارو موتي جو ۽ ٻيو ياقوت جو آهي ۽ انهن نهرن جي زمين خالص مُشڪ جي آهي.[2]

جنّتين جا لباس نہ پُراڻا ٿيندا نہ انهن جي جواني فنا ٿيندي. جنت ۾ ننڊ ناهي چوتہ ننڊ هڪ قسم جو موت آهي ۽ جنت ۾ موت ناهي. جنّتي جڏهن جنّت ۾ ويندا هر هڪ پنهنجي عملن جي مقدار مطابق مرتبو ماڻيندو ۽ ان جي فضل جي ڪا حد ناهي. پوءِ انهن کي دنيا جي هڪ هفتي جي مقدار کان پوءِ اجازت ڏني ويندي تہ پنهنجي پالڻهار جَلَّ جَلَالُہ جي زيارت ڪن، عرشِ اِلٰهي ظاهر ٿيندو ۽ ربّ پاڪ جنّت جي باغن مان هڪ باغ ۾ تجلي فرمائيندو ۽ انهن جنّتين جي لاءِ منبر وڇايا ويندا، نُور جا منبر، موتي جا منبر، ياقوت جا منبر، زمرد جا منبر، سون جا منبر، چاندي جا منبر ۽ جنتين مان سڀ کان گهٽ درجي وارا مُشڪ ۽ ڪافور جي دڙن تي ويهندا ۽ انهن ۾ ادنيٰ ڪير بہ ناهي، پنهنجي گمان ۾ ڪرسي واري کي پاڻ کان وڏيڪ نہ سمجهندا ۽ الله پاڪ جو ديدار ايترو تہ

1 ...... وسائلِ بخشش مُرمم، ص۳۵۴
2 ...... الترغيب والترہيب، كتاب صفة الجنة والنار،فصل فى انهار الجنة،الحديث۵۷۳۴/۳۵ ، ج۴ ،ص ۳۱۵

صاف ٿيندو جيئن سج ۽ چوڏهين رات جي چنڊ کي هر هڪ پنهنجي جڳهه تان ڏسي ٿو جو هڪ جو ڏسڻ ٻئي جي لاءِ مانع (يعني رڪاوٽ) نه آهي ۽ الله پاڪ هر هڪ تي تجلّي فرمائيندو انهن مان ڪنهن کي فرمائيندو: اي فلاڻا پٽ فلاڻي جا! توکي ياد آهي، جنهن ڏينهن تو هيئن هيئن ڪيو هو...؟ دنيا جا ڪجهه گناهه ياد ڏياريندو، ٻانهو عرض ڪندو يا رب! ڇا تو مون کي بخشي نه ڇڏيو؟ فرمائيندو: ها! منهنجي مغفرت جي وُسعت جي ئي ڪري تون هن مرتبي تائين پهتو آهين، اهي سڀ انهيءَ حالت ۾ هوندا جو ڪڪر ڇائنجي ويندو ۽ انهن تي خوشبوءِ وسائيندو جو ان جهڙي خوشبو انهن ماڻهن ڪڏهن به نه ڏٺي هئي ۽ الله پاڪ فرمائيندو ته وڃو ان طرف جيڪا مون توهان لاءِ عزّت تيار ڪئي آهي، جيڪو وٺيوَ سو کڻو، پوءِ ماڻهو هڪ بازار ۾ ويندا جنهن کي ملائڪ گهيريل هوندا. ان ۾ اهي شيون هونديون جو انهن جي مثل نه اکين ڏٺيون نه ڪنن ٻُڌو ۽ نه ئي دلين تي ان جو خطرو گذريو. انهن مان جيڪا شيءِ چاهيندا سا ساڻ کڻي ويندا ۽ خريد و فروخت نه ٿيندي جنّتي ان بازار ۾ هڪٻئي سان ملندا. ننڍي مرتبي وارو وڏي مرتبي واري کي ڏسندو. ان جو لباس پسند ڪندو، اڃان گفتگو ختم به نه ٿيندي ته اهو خيال ڪندو ته منهنجو لباس ان جي لباس کان بهتر آهي ۽ اهو ان ڪري آهي جو جنت ۾ ڪنهن لاءِ به غم ناهي. پوءِ اتان کان پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن واپس ايندا. انهن جون گهرواريون استقبال ڪنديون، مبارڪباد ڏئي چونديون ته اوهان واپسي تي ايترا حسين و جميل ٿي موٽيا جو اسان وٽان وڃڻ مهل ايترا حسين نه هئا. جواب ڏيندا ته پروردگار جي سامهون اسان کي ويهڻ نصيب ٿيو ته انهيءَ لاءِ اسان جي خوبصورتي جو وڌڻ اسان جي لائق هو.

جنّتي هڪٻئي سان ملڻ چاهيندا ته هڪ جو تخت ٻي وٽ هليو ويندو ۽ هڪ روايت ۾ آهي ته انهن وٽ نهايت اعليٰ درجي جون سواريون ۽ گهوڙا آندا ويندا ۽ انهن تي سوار ٿي ڪري جتي چاهيندا، ويندا. سڀ کان گهٽ درجي وارو جيڪو جنّتي هوندو، ان جا باغات، ٻيبيون ۽ نعيم و خدام(نعمتون ۽ خدمتگار)

۾ تخت هزار (1000) سالن جي مسافت تائين هوندا ۽ انهن مان الله پاڪ جي ويجهو سڀ کان معزز اهو هوندو جيڪو الله پاڪ جي وَجۡهِ ڪريم جي ديدار سان هر صبح و شام مشرف ٿيندو. جڏهن جنّتي جنّت ۾ ويندا ته الله پاڪ انهن کي فرمائيندو: ”اڃان ٻيو ڪجهه کپي ته توهان کي ڏيان“. عرض ڪندا تو اسان جا چهرا روشن ڪيا، جنت ۾ داخل ڪيو، جهنّم کان ڇوٽڪارو ڏنو، انهيءَ وقت پردو جيڪو مخلوق تي هيو، لهي ويندو ته ديدار الٰهي کان وڌيڪ ڪابه شيءِ انهن کي نه ملي هوندي.[1]

جَنّت میں آقا کا پڑوسی بن جائے عطار الٰہی
مولیٰ از پئے قطبِ مدینہ یااللہ میری جھولی بھر دے[2]

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اوهان جنّت جي نعمتن جو تذڪرو ٻڌو ته اسان جي رب ڪريم پنهنجي ٻانهن جي لاءِ ڪيتري قدر عظيم الشان نعمتن جو انتظام فرمايو آهي. الله اسان جو خاتمو ايمان تي فرمائي ۽ اسان کي انهن نعمتن مان حصو عطا فرمائي اچو جنهن جنت ۾ اهي نعمتون آهن ان جا قسم ٻڌون تا ته جنتون ڪيتريون آهن.

## اٺ جنتن جا نالا:

حضرت عبدالله بن عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُمَا کان هڪ روايت اها آهي ته جنتون اٺ (8) آهن ۽ انهن جا نالا هي آهن (1) دارُ الجلال. (2) دارُ القرار. (3) دارُ السّلام. (4) جنتِ عدن. (5) جنتِ ماويٰ. (6) جنتِ خُلد. (7) جنتِ الفِردَوس. (8) جنتِ نعيم.[3]

1 ...... بہارِ شریعت ،ص۸۶/۸۲،بتغیرقلیل

2 ...... وسائلِ بخشش مُرمّم،ص۱۲۳

3 ...... روح البيان، الصف، تحت الآية : ۱۲، ۹ / ۵۰۸

## جنتِ عدن ۽ ان جون نعمتون

**الله** پاڪ جنتِ عدن کي پنهنجي دستِ قدرت سان پيدا فرمايو، ان جي هڪ سِرَ اڇي موتي جي ، هڪ سرخ ياقُوت جي ۽ هڪ سبز زبرجد جي آهي، مُشڪ جو گارو آهي، ان جو گاهه زعفران جو آهي، موتي جون پٿريون ۽ عنبر جي مٽي آهي.[1] ۽ هڪ روايت جي مطابق ''جڏهن الله پاڪ جنتِ عدن کي پيدا فرمايو ته ان ۾ اهي شيون پيدا فرمايون جن کي نه ڪنهن اک ڏٺو، نه ڪنهن ڪن ٻڌو ۽ نه ڪنهن انسان جي دل ۾ ان جو خيال آيو. پوءِ الله پاڪ جنتِ عدن کي فرمايو ''مون سان ڪلام ڪر. ان چيو: ''قَدْاَفْلَحَ الْمُؤْمِنُوْنَ'' بيشڪ ايمان وارا ڪامياب ٿي ويا.[2]

## جنّت جي سڀ کان وڏي نعمت

جنّت جي نعمتن مان سڀ کان وڏي نعمت اها هوندي ته **الله** پاڪ **جنتين ڪان راضي** هوندو. ڪڏهن به ناراض نه ٿيندو. ۽ الله جي رضا سڀ کان وڏي آهي.[3]

اها نعمت تمام نعمتن کان اعليٰ ۽ **عاشقانِ الاهي جي سڀ کان وڏي تمنا** آهي. **الله** پاڪ جي رضا ۽ ربّ ڪريم جو ديدار ڪنهن عمل جو بدلو نه ٿيندو بلڪ اهو خاص ربّ رحيم جو تحفو هوندو. اللّٰه پاڪ اسان کي پنهنجي پياري حبيب صَلَّي اللهُ عَلَيهِ وَسَلَّم جي صدقي ۾ هن مان حصو عطا فرمائي. آمين

تاجدارِ رسالت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو ته "جڏهن جنتي جنت ۾ داخل ٿي ويندا ته اللّٰه پاڪ فرمائيندو: "ڇا توهان ٻيو ڪجهه چاهيو ٿا جيڪو توهان کي ڏيان؟ " ته هو عرض ڪندا: تو اسان جا چهرا روشن ڪيا؟ تو اسان کي جنت ۾ داخل فرمايو؟ ۽ تو اسان کي جهنم کان نجات ڏني" پوءِ اللّٰه پاڪ پردو ڪڻندو ۽ جنتين کي پنهنجي رب جي طرف نظر ڪرڻ کان وڌيڪ محبوب ڪا نعمت عطا

1 ...... ابن ابی دنیا،صفة الجنة، ۶ / ۳۱۹، الحديث: ۲۰

2 ...... معجم الاوسط، باب الالف، من اسمہ احمد، ۱ / ۲۱۵، الحديث: ۷۳۸

3 ...... خازن، التوبة، تحت الآية: ۷۲، ۲ / ۲۶۱

نہ ڪئي ويندي. پوءِ پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ هيءَ آيت مبارڪ تلاوت فرمائي: لِلَّذِيۡنَ اَحۡسَنُوا الۡحُسۡنٰى وَ زِيَادَةٌ (پ ١١، يونس: ٢٦) ترجمو ڪنزالايمان: چڱن جي واسطي چڱائي آهي ۽ ان کان بہ زيادہ۔[1]

اي جنت جا طلبگار عاشقانِ رسول: اسان جنّت جي نعمتن جو تذڪرو ٻڌو انن جنتن جا نالا ٻڌا ۽ جنّت جي سڀ کان وڏي نعمت جي باري ۾ ٻڌو. يقيناً اهڙي نعمتن کي ٻڌي انسان جي دل ان کي ماڻڻ ۽ ان ڏانهن جلدي وڃڻ جي خواهش ڪندي آهي. ۽ ڇو نہ هجي جو جنّت ڏانهن جلدي ڪرڻ جو حڪم الله پاڪ اسان کي ڏنو آهي. سوره آلِ عمران آيت نمبر133 ۾ ارشاد آهي

وَ سَارِعُوۡۤا اِلٰى مَغۡفِرَةٍ مِّنۡ رَّبِّكُمۡ وَ جَنَّةٍ عَرۡضُهَا السَّمٰوٰتُ وَ الۡاَرۡضُ ۙ اُعِدَّتۡ لِلۡمُتَّقِيۡنَ (پ۴،آل عمران:١٣٣)

ترجمۂڪنز الايمان: ڊوڪو پنهنجي پالڻهار جي بخشش ۽ انهيءَ بهشت ڏانهن جنهن جي ويڪر ۾ سڀ آسمان ۽ زمين اچي وڃن جيڪو پرهيزگارن لاءِ تيار ڪيو ويو آهي.

تفسير صراطِ الجنان ۾ آهي تہ گناهن کان توبہ ڪري، الله پاڪ جي فرض کي ادا ڪري، نيڪين تي عمل پيرا ٿي ۽ تمام عملن ۾ اخلاص پيدا ڪري پنهنجي رب ڪريم جي بخشش ۽ جنّت ڏانهن جلدي ڪيو. جنت ۾ وڃڻو آهي تہ پنهنجي گناهن کان توبہ ڪرڻي پوندي، الله جي فرضن کي ادا ڪرڻو پوندو، نيڪين تي عمل ڪرڻو پوندو ۽ پنهنجي نيڪين کي خالص الله پاڪ جي لاءِ ڪرڻو پوندو ڇوتہ جنت کي حاصل ڪرڻ آسان نہ آهي بلڪ هڪ مشڪل معاملو آهي حديث مبارڪ ۾ آهي رسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جهنم کي خواهشن ذريعي ڍڪيو ويو ۽ جنت کي اڻ وڻندڙ شين سان ڍڪيو ويو آهي.[2]

يعني جنت کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ نفس کي راحت ڏياريندڙ شين کان

1 ...... مسلم،ڪتاب الايمان،باب اثبات رؤية المؤمنين فى الآخرة ربهم، ص١١٠، حديث:١٨١

2 ...... بخاری

ٻچڙو پوندو ڇوته اهي شيون انسان کي ڏکيون لڳنديون آهن جيئن گهر ۾ ويهڻ آسان ۽ راهه خدا ۾ نڪرڻ مشڪل ڪم آهي، فجر جي وقت سمهڻ آسان ۽ اُٿي مسجد ۾ باجماعت نماز ادا ڪرڻ مشڪل ڪم آهي، گناهه جا ڪم ڪرڻ آسان ۽ گناهن کان پاڻ کي بچائڻ مشڪل ڪم آهي. ته جنت ماڻڻ جي لاءِ اسان کي پنهنجو پاڻ کي الله پاڪ جي رضا جي ڪمن ۾ لڳائڻو پوندو تڏهن اِنْ شَآءَاللّٰه جنت اسان جو نڪاڻو ٿيندي.

اچو هاڻي اسان انهن عملن جي باري ۾ ڪجهه واقعا ٻڌون ٿا جيڪي واقعا بزرگانِ دين جي جنت ۾ وڃڻ جو سبب بڻيا:

1...اميرُالمومنين، خليفَةُ المُسلِمين حضرت سيدُنا ابوبڪرصديق رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کي خواب ۾ ڏسي عرض ڪيو ويو ته اوهان پنهنجي زبان جي باري ۾ هميشه فرمائيندا هئا ته هن مون کي تباهي جي جڳهن تي پهچائي ڇڏيو، فَمَا ذَا فَعَلَ اللّٰهُ بِكَ يعني پوءِ الله پاڪ اوهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ ارشاد فرمايائون: مان هن زبان سان ڪلمو پاڪ پڙهيو ان ڪري الله پاڪ مون کي جنت ۾ داخل فرمائي ڇڏيو.

مدفن ہو عطا میٹھے مدینے کی گلی میں  لِلّٰہ پڑوسی مجھے جنت میں بنالو [1]

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## حڪايت مان حاصل ٿيندڙ مدني گل

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! واقعي غلط هلندڙ زبان انسان کي نه صرف دنيا ۾ پريشان ڪندي آهي بلڪ آخرت ۾ به وبال جان بڻجي جهنم جو سامان بڻجي ويندي آهي ۽ جيڪڏهن انهيءَ زبان کي اسان ڪوڙ، غيبت، چغلي کان بچائي الله ڪريم ۽ ان جي حبيب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ذڪر سان تر رکون ته اها اسان جي

...... وسائلِ بخشش ،ص۳۰۸

جنت ۾ وڃڻ جو سبب بڻجي سگهي ٿي. اها ئي زبان آهي جو جڏهن اها تيز ۽ هلندي آهي ته ڪنهن کي برو ڀلو چئي سامهون واري کي ڪاوڙ ڏياري ڪوڙ انسانن جي قتل جو سبب بڻجي ويندي آهي ۽ اها ئي زبان آهي جيڪا مٺا لفظ ڳالهائڻ سبب ڪيئي ماڻهن کي پاڻ ۾ ملائي ڇڏيندي آهي. ٽٽل دلين کي جوڙي ڇڏيندي آهي، اها ئي زبان ڀاءُ جي ناراضي جو سبب بڻجي ويندي آهي ۽ اها ئي زبان ڀائرن کي وقتِ موت تائين ملائي گڏ رکندي آهي. انهيءَ زبان جا مٺا ٻول آهن جيڪي سخت کان سخت دل کي نرم ڪندا آهن ۽ اها ئي زبان آهي جو جنهن مان نڪرندڙ جملا رب پاڪ کي ناراض ڪري ڇڏيندا آهن.

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! زبان جو قفل مدينه لڳائڻ يعني پنهنجو پاڻ کي فضول ڳالهين کان بچائڻ ۾ ئي عافيت آهي. خاموشي جي عادت بڻائڻ جي لاءِ ڪجھ نه ڪجھ گفتگو لکي ڪري يا اشاري سان ڪرڻ بيحد مفيد آهي .

مَشهور مفسرِ قرآن حڪيم الامت مفتي احمد يار خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيه جي فرمان جو مفهوم آهي: جيڪو شخص زبان جو بي باڪ هجي، هر چڱي بري ڳالھ بنا ڊپ جي واتان ڪيندو هجي سمجهي وٺو ان جي دل سخت آهي، ان ۾ حياء نه آهي. سختي اهو وڻ آهي جنهن جي جڙ انسان جي دل ۾ آهي ۽ ان جي شاخ دوزخ ۾ آهي اهڙي بي خوف انسان جو انجام اهو ٿيندو آهي جو اهو الله ۽ رسول صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بارگاهه ۾ به بي ادب ٿي ڪافر ٿي ويندو آهي." شيخِ طريقت، اميرِاهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامه مولانا ابوبلال محمدالياس عطار قادري رضوي دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيه فضول گوئي کان بچڻ جو ذهن ڏيندي نيڪ اعمال نمبر 46 ۾ فرمائن ٿا: ڇا اڄ اوهان زبان جو قفل مدينه لڳائيندي فضول گوئي کان بچڻ جي عادت بڻائڻ جي لاءِ ڪجھ نه ڪجھ اشاري سان ۽ گهٽ مان گهٽ چار ڀيرا لکي گفتگو ڪئي؟ [1]

2... حضرت سيدُنا سلمان فارسي رَضِیَ اللهُ عَنۡه حضرت سيدُنا عبدالله بن سَلَام رَضِیَ الله

1 ...... 152 رحمت بهری حکایات،ص۱۷

عَنْهُ کان مليا ۽ فرمايائون: "جيڪڏهن توهان مون کان پهريان انتقال ڪري وڃو تہ پيش ايندڙ حالتن کان مون کي آگاھ ڪجو ۽ جيڪڏهن مان پهريان فوت ٿي ويس تہ توهان کي آگاھ ڪندس. حضرت سيدُنا سلمان فارسي رَضِیَ اللہ عَنْهُ جي وفات پهريان ٿي تہ حضرت سيدُنا عبدالله بن سَلَام رَضِیَ اللہ عَنْهُ خواب ۾ انهن کي ڏسي پڇا ڪيائين: "اي ابو عبدالله! ڪيئن آهيو؟" جواب ڏنائين: "خيريت سان آهيان." پوءِ پڇا ڪيائين: "اوهان ڪهڙو عمل افضل ڏٺو؟" حضرت سيدُنا سلمان فارسي رَضِیَ اللہ عَنْهُ جن فرمايو: "مون توڪل کي تمام عمده ڏٺو."[1]

## حڪايت مان حاصل ٿيندڙ مدني گل

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت سليمان فارسي جو خواب اسان کي پنهنجي رب سان توڪل جي انتخاب جو درس ڏئي رهيو آهي تہ اسان پنهنجا سمورا معاملا الله پاڪ جي حوالي ڪيون، ان جي رضا تي راضي رهون ڇوتہ توڪل ''صرف الله پاڪ جي عنايت تي ڀروسو ڪرڻ ۽ جيڪو ڪجھ ماڻهن وٽ آهي ان کان مايوس ٿيڻ جو نالو آهي.''[2]

حضرت سيدُنا سهل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: توڪل ڪرڻ واري جون ٽي نشانيون آهن، سوال ناهي ڪندو، ڪنهن شيءِ کي رد بہ ناهي ڪندو ۽ پاڻ وٽ روڪيندو ناهي.[3] هن کي آسان لفظن ۾ حضرت شيخ الفضيلت، خليفہ اعليٰ حضرت، قُطبِ مدينہ ضِياء الدِّين مدَني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هيئن فرمائيندا هئا: ''طمع نہ، منع نہ ۽ جمع نہ.[4]

## نفلن جي ڪثرت جنت ۾ وٺي وئي

3...حضرت نَصر بن علي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن فرمايو تہ مون حضرت سيدُنا يزيد بن زُرَيع رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي خواب ۾ ڏسي پڇا ڪئي: "مَافَعَلَ الله بِكَ يعني الله پاڪ اوهان سان

1 ...... حلية الاولياء، الرقم: ٣٤، سلمان الفارسى، الحديث: ۶۵۵، ج١، ص٢۶۴
2 ...... الرسالة القشيرية، باب التوكل ، ص٢٠۶
3 ...... الرسالة القشيرية، باب التوكل ، ص٢٠۶
4 ...... سيدى قطبِ مدينہ، ص ١٢

کھڙو معاملو فرمايو؟“ جواب ڏنائين: ”مون کي جنت ۾ داخل ڪيو ويو“ مون عرض ڪيو: ”کھڙي سبب؟“ فرمايائون: ”ڪثرت سان نوافل ادا ڪرڻ جي ڪري.“

## حڪايت مان حاصل ٿيندڙ درس

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! فارغ وقت ھرو ڀرو اجايو گذارڻ جي بدران ذڪر ودرود ۽ نوافل وغيره ۾ گذارڻ گھرجي ڇوتہ بعد ۾ مرڻ کان پوءِ موقعو نہ ملي سگھندو. زندگي ۾ گھڻو وقت فارغ ملي سگھي ٿو، تنھنڪري ”فراغت کي مصروفيت کان پھريان غنيمت سمجھو“ جي تحت ٿي سگھي تہ نفلن جي ڪثرت ڪريو.[1]

ڪوشش ڪريو ۽ پنھنجي صبح کان وٺي رات سمھڻ تائين جي سمورن ڪمن جي اوقات ۾ نمازِ تھجد، اشراق، چاشت ۽ اوابين جي نفلن کي بہ شامل ڪريو. اَلْحَمْدُ لِلّٰہ انھن نفلن جي ادائيگي سبب آخرت ۾ ملڻ واري اجرو ثواب سان گڏوگڏ ذھني و قلبي سڪون بہ ميسر ايندو آھي. جيئن تہ حبيبِ پروردگار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: ”جيڪو چاشت جون بہ رڪعتون پابندي سان ادا ڪري ٿو ان جا گناھ معاف ڪيا ويندا آھن توڙي جو سمنڊ جي جھڳ برابر ھجن.“[2] ۽ تاجدارِ رسالت، صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: ”منھنجي مسجد ۾ ھڪ نماز پڙھڻ ڏھ ھزار نمازن جي برابر آھي ۽ مسجد حرام ۾ نماز پڙھڻ ھڪ لک نمازن جي برابر آھي ۽ ميدان جھاد ۾ نماز پڙھڻ ويھ لک نمازن جي برابر آھي، ۽ ان سڀ کان وڌيڪ فضيلت واري نماز ٻانھي جون اھي ٻہ رڪعتون آھن جن کي ھو رات جي وچين حصي ۾ رضاءِ الٰھي جي لاءِ ادا ڪري ٿو.“[3]

ھمت ڪريو ۽ ھينئر کان نيت ڪريو تہ مان اِنْ شَآءَ الله آئنده کان تھجد، اشراق، چاشت ۽ اوابين جا نفل بہ ادا ڪندس.

---

1 ...... 152 رحمت بھری حکایات،ص۱۱۴ تا۱۱۵
2 ...... ابن ماجه،کتا ب امامة الصلوة...الخ،با ب ماجاء فی صلوة الضحی ،رقم ۱۳۸۲ ،ج ۲ ،ص ۱۵۳
3 ...... التر غیب والتربیب،کتاب النوافل ، الترغیب فی قیام اللیل ، رقم ۲۲، ج۱ ،ص ۲۴۳

## جنت جو بادشاه

حضرت يحييٰ بن ايوب جو بيان آهي تہ ٻن ماڻهن جو پاڻ ۾ ڀائيچارو هو انهن هڪ ٻئي سان عهد ڪيو تہ ''انهن مان جيڪو پهريان فوت ٿيندو اهو مرڻ کان پوءِ ٻئي کي اتي جا احوال ٻڌائيندو.'' پوءِ جڏهن انهن مان هڪ جو انتقال ٿيو تہ ٻي ان کي خواب ۾ ڏسي حضرت سيدُناحسن بصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيه جي باري ۾ پڇا ڪئي. ان چيو: اهو جنت ۾ بادشاهن جيان آهن (ان جا خادم) سندن جي نافرماني نٿا ڪن. پوءِ حضرت سيدُنا امام ابنِ سيرين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيه جي باري ۾ پڇيو تہ ان چيو اهي جنت ۾ جتي چاهين اتي رهن ٿا ۽ ان جي نعمتن مان جيڪو وڻين اهو کائن ٿا. پر ٻنهي جي رُتبن ۾ گهڻو فرق آهي. ان کان پوءِ خواب ڏسڻ واري ٻيهر پڇيو تہ ''حضرت سيدُناحسن بصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيه کي اهو مرتبو ڪيئن حاصل ٿيو''؟ جواب ڏنائين: **''فڪرِ آخرت ۾ گهڻو خوف زده ۽ غمگين رهڻ جي ڪري.''** (1)

## ڪاش فڪرآخرت ۽ خوف خدا نصيب ٿئي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان فڪر آخرت ۾ خوف زده ۽ غمگين رهڻ جي ڪري حضرت سيدنا حسن بصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيه کي جنت ۾ ڪهڙو عظيم مقام حاصل ٿيو. يقيناً خوفِ خدا تمام وڏي نعمت آهي، جيستائين اها عظيم دولت حاصل نہ ٿئي گناهن کان بچڻ ۽ نيڪين سان پيار تمام مشڪل آهي. پر جڏهن اها عظيم دولت نصيب ٿي وڃي تہ نيڪيون ڪرڻ ۽ گناهن کان بچڻ نهايت آسان ٿي ويندو آهي. مومن جي دل ۾ پيدا ٿيڻ واري خوفِ خدا جي شمع ان کي گناهن جي انڌيري راهہ کان بچائي نيڪ عملن جي سڌي واٽ تي هلائيندي آهي. اها عظيم نعمت هوندي ڇا آهي؟ خوفِ خدا ڇا کي چئبو آهي؟ اچو! هن باري ۾ ٻڌون ٿا، جيئن شيخِ طريقت، اَميرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علّامہ مولانا ابُو بلال محمد الياس عطّار قادِري رَضَوِي ضِيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي مايہ ناز تاليف **"ڪفريہ ڪلمات ڪے بارے ميں سوال جواب"** صفحي 26 تي

فرمائن ٿا: ”**خوفِ خدا**“ مان مراد اهو آهي تہ الله پاڪ جي خفيہ تدبير، ان جي بي نيازي، ان جي ناراضگي، ان جي گِرفت (پڪڙ)، ان جي طرفان ڏني ويندڙ عذابن، ان جي غضب ۽ ان جي نتيجي ۾ **ايمان جي بربادي** وغيره کان خوف زده رهڻ جو نالو ”**خوفِ خدا**“ آهي. قرآنِ ڪريم ۾ الله ربُّ الْعٰلَمِين مومنين کي ڪيئي هنڌن تي هن پاڪيزه صفت کي اختيار ڪرڻ جو حڪم ارشاد فرمايو آهي: جيئن سيپاري 5، سُوْرَہ نِسَاء، آيت نمبر 131 ۾ ارشاد آهي:

وَلَقَدْ وَصَّيْنَا الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ مِنْ قَبْلِكُمْ وَاِيَّاكُمْ اَنِ اتَّقُوا اللّٰهَ ؕ

(پ5،النساء:131)

**ترجموڪنزالايمان:** بيشڪ اسان تاڪيد فرمائي ڇڏي آهي انهن کي جن کي توهان کان اڳ ۾ ڪتاب ڏنا ويا ۽ توهان کي بہ، تہ الله کان ڊڄو.

اهڙي طرح پاره 22، سوره احزاب آيت نمبر70 ۾ ارشاد آهي: **ترجموڪنزالايمان:** اي ايمان وارو! الله کان ڊڄو ۽ سڌي ڳاله چئو. سيپاري 4 سوره آلِ عمران آيت نمبر 175 ۾ اِرشادِ باري تعاليٰ آهي: **ترجموڪنزالايمان:** ۽ مون کان ڊڄو جيڪڏهن ايمان وارا آهيو.

اميرِ اهلسنت، باني دعوتِ اسلامي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه **اها آيت سڳوري نقل ڪرڻ** کان پوءِ ترغيب ڏيندي اِرشاد فرمائن ٿا: اي ڪاش! هن آيتِ مقدّسہ جي صدقي غفلت جو پردو ڪڇي وڃي ۽ اميّدِ رحمت سان اسان کي حقيقي معنيٰ ۾ خوفِ خدا بہ ملي وڃي، دُنيا جي فنا ٿيڻ جو حقيقي معنيٰ ۾ اِحساس ٿي وڃي، **ڪاش! ڪاش !ڪاش!** بُري خاتِمي جو خوف دل ۾ ويهي رهي، پنهنجي پروردگار جي ناراضگين جو هر دم خوف رهي، نَزع جي سختين، مَوت جي تلخين، پنهنجي غسلِ ميت و تڪفين و تدفين جي ڪيفيتن، قبر جي اونداهين ۽ وَحشتن، منڪر و نڪير جي سُوالن، قَبر جي عذابن، مَحشَر جي گرمين ۽ گهبراهٽن، پُل صراط جي دَهشتن، بارگاهِ الٰهي جي حاضرين، ميدانِ قِيامت ۾ ننڍي ننڍي ڳالهين جي بہ پُڇاڻن ۽ سيني جي سامهون عيب (Defect) ڪلڻ جي رُسوائين، جهنَّم جي خوفناڪ رڙين، دوزخ جي هولناڪ سزائن ۽ پنهنجي نازن سان پليل

بدن جي نزاڪتن، جنّت جي عظيم نعمتن کان محرومين وغيره جو خوف اسان کي بي چين ڪندو رهي ۽ **اي ڪاش** ! اهو خوف اسان جي لاءِ هدايت ۽ رحمت جو ذريعو بڻجي وڃي جيئن تہ سيپاري 9 سوره اَعراف آيت نمبر 154 ۾ **ارشادِ ربُّ العِباد آهي** :

هُدًى وَّ رَحْمَةٌ لِّلَّذِيْنَ هُمْ لِرَبِّهِمْ يَرْهَبُوْنَ ﴿۱۵۴﴾
(پ ۹، الاعراف:۱۵۴)

تَرجَمَهٔ ڪنزُالايمان: هدايت ۽ رحمت آهي انهن جي واسطي جيڪي پنهنجي ربّ کان ڊڄندا آهن

خدایا بُرے خاتمے سے بچالے ۔ گنہگار ہے جاں بلب یاالٰہی
نظر میں محمد کے جلوے بسے ہوں ۔ چلوں اس جہاں سے میں جب یاالٰہی [1]

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## نيڪ اعمال جي ترغيب:

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جنت جي باري ۾ ٻڌو تہ جنت ايمان وارن، الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن جي لاءِ هڪ اهڙو گهر آهي جنهن ۾ ڪا تڪليف نہ آهي، ڪو ڏُک نہ آهي، ڪا مصيبت ۽ آزمائش نہ آهي، هڪ اهڙو گهر آهي جتي جون نعمتون عارضي نہ آهن بلڪ هميشہ هميشہ جي لاءِ آهن، اهو سڀ ڪجهه ٻڌي ذهن بڻجندو هوندو تہ اي ڪاش! مان بہ جنت ۾ وڃڻ وارن ۾ شامل ٿي وڃان، پوءِ ذهن ۾ سُوال ايندو هوندو تہ مان جنّت جي تياري ڪيئن ڪري سگهان ٿو، الله پاڪ جي هن عظيم نعمت جنّت کي ماڻڻ جي لاءِ مون کي ڇا ڪرڻو پوندو؟ يقين ڪريو! هن پُرفتن دَور ۾ جتي هر پاسي گناهن جي گهٽائي آهي، بُري صحبتن ۽ بُرن دوستن جي بُري محفلن جي ڪري جڻ تہ هر پاسي تباهي و بربادي جا بادل هلي رهيا آهن، شيطان لعين ايمان برباد ڪرڻ جي لاءِ

[1] ...... وسائلِ بخشش مُرمّم،ص ۱۰۸بحوالہ کفریہ کلمات کے بار ے میں سوال جواب،ص۲۴تا۲۶

پنهنجي پوري ڪوشش ڪري رهيو آهي، اهڙي دور ۾ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول ڪنهن عظيم نعمت کان گهٽ نه آهي.

دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ اسان کي هڪ عظيم مدني مقصد سيکاريو ويندو آهي، اهو مدني مقصد ڇا آهي؟ اچو! گڏجي دُهرايون ٿا: "مون کي پنهنجي ۽ سڄي دُنيا جي ماڻهن جي اِصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي" اِنْ شَآءَاللّٰه

هن مدني مقصد تي جيڪڏهن اسان غور ڪريون ته سڀ کان پهريان "پنهنجي اِصلاح" جو چيو پيو وڃي يعني ايئن نه ٿئي جو اسان فقط ٻين جي اِصلاح جو فڪر ته ڪريون پر پنهنجو پاڻ کي وساري ڇڏيون، پنهنجي اِصلاح جي ڪوشش جي لاءِ اميرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامه مولانا محمد الياس عطارقادِري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جي طرفان مدني انعامات جي سوغات به تمام وڏي نعمت آهي، اي ڪاش! جو اسان کي حياتي ۾ ئي حقيقي معني ۾ نيڪ اعمال جي قدر نصيب ٿي وڃي. هڪ هڪ مدني انعام جڻ ته جنّت جي راهه جي تياري ۾ معاون ۽ مددگار آهي. اچو! مدني انعام نمبر 19 ٻڌون ٿا: ڇا اڄ اوهان نمازِ تهجد، اِشراق و چاشت ۽ اوّابين ادا فرمائي؟

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** تهجُّد ۽ اِشراق ۽ چاشت جا نفل اَدا ڪريو ۽ پاڻ کي جنَّت جو حقدار بڻايو. ٿوري زَبان گهٽ هلايو، اَسْتَغْفِرُاللّٰه الْعَظِيم زَبان تي آڻيو ۽ جنّت جون حُورون ماڻيو، جيئن ته هڪ بُزُرگ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيه چَالِيهن سالن تائين الله پاڪ جي عبادت ڪئي هڪ ڀيرو دعا ڪيائون، ياالله تنهنجي رحمت سان مونکي جيڪو ڪجهه جنّت ۾ ملڻ وارو آهي ان جي ڪا جَهلڪ دنيا ۾ به ڏيکار اجان دعا جاري هئي ته محراب يڪدم ڦاٽي پيو ۽ ان مان هڪ حَسِين و جَمِيل حُورَ نڪتي ان چيو ته توکي جنّت ۾ مون جهڙيون سؤ حُورُون ڏنيون وينديون، جن مان هر هڪ جون سؤ سؤ خادمائون ۽ هر خادمه جون سؤسؤ ٻانهيون

هونديون ۽ هر ٻانهي تي سؤسؤ ناظمائون (انتظام ڪرڻ واريون) هونديون اهو ٻڌي ڪري اهو بزرگ خوشي مان جهومي پيو ۽ سوال ڪيائين . ڇا ڪنهن کي جنّت ۾ مون کان وڏيڪ به ملندو. جواب مليو ايترو ته هر ان عام جنتيءَ کي ملندو جيڪو صُبح ۽ شام اَسْتَغْفِرُ الله الْعَظِيم پڙهندو آهي. (رَوْضُ الرَّياحِين ص۵۵،از غيبت کی تباه کارياں،ص۹۸)

اي جنّت جا طلبگار عاشقانِ رسول! ڏٺو اوهان ته هر اهو شَخص جيڪو صبح و شام اِستِغفَار پڙهندو ته ان کي جنّتي حُورون ملنديون. اهڙي طرح جنت ۾ وڃڻ ۽ اتي اَعليٰ رتبا ماڻڻ جو ذريعو بڻجڻ وارن عملن مان هڪ عمل سلام کي عام ڪرڻ ۽ کاڏو کارائڻ آهي، سلام کي عام ڪرڻ ۽ ٻين کي پاڻ وٽان ڪجهه نه ڪجهه عطا ڪندو رهڻ جي عادت بنائڻ سان جتي انسان جي وَقار ۾ اضافو ٿيندو آهي، اتي اهڙو شَخص ان خُوش نصيبن ۾ به شامل ٿي ويندو آهي، جن جي لاءِ جنّت جي خوشخبري آهي. جيئن فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ آهي: سَلام کي عام ڪيو ۽ کاڌو کارايو جنّت ۾ داخل ٿي ويندؤ.“ (الاحسان بترتيب ابن حبان ،کتاب البر والاحسان ،باب افشاء السلام ،حديث ۴۸۹،۱/۳۵٦)

سُنّتیں اپنا کے حاصل بھائیو! رَحمتِ مولیٰ سے جنّت کیجئے[1]

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

اهڙي طرح نيڪيون وڌائڻ ۽ آخرت جو ثواب ڪمائڻ جي لاءِ تلاوتِ قرآن جي به عادت بنائڻ گهرجي، قرآنِ ڪريم جي حافظن سان گڏوگڏ قرآنِ ڪريم کي تجويد ۽ ترتيل (يعني زبر زير پيش جو لحاظ رکندي واضح لفظن ۾ آهسته ادائيگي) سان ڏسي پڙهڻ وارن، حلال کي حلال سمجهڻ (يعني قرآنِ ڪريم جي احڪامات تي عمل ڪرڻ) وارن جي لاءِ به حديثِ پاڪ ۾ جنّت جا اَعليٰ رُتبا ملڻ جي خوشخبري به آهي.

...... وسائلِ بخشش، ص ۵۰۹

فرمانِ مُصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي: ”قرآن پڙهڻ وارن کي چيو ويندو ته قرآن پڙهندو وڃ ۽ جَنّت جا دَرَجا طئي ڪندو وڃ، ۽ آهسته آهسته پڙهڻ واري کي چيو ويندو ته تون آهسته آهسته پڙهه جيئن تون دنيا ۾ آهسته هسته پڙهندو هُئين تون جتي آخري آيت پڙهندين اهو تنهنجو ٺڪاڻو ٿيندو.“ (ابو داود، کتاب الوتر، باب استحباب الترتيل فى القراءة ، حديث ۱۴۶۴ ،ج۲، ص ۱۰۴)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان ته دُنيا ۾ آهسته آهسته دُرُست طريقي سان قرآنِ ڪريم پڙهڻ وارن ۽ ان جي احڪامات تي عمل ڪرڻ وارن جا ته ڀاڳ کلي پوندا. اهڙي شَخص کي چيو ويندو ته قُرآن پڙهندو وڃ ۽ جنّت ۾ پنهنجا بُلند رتبا وڌائيندو وڃ، ان ڪري اسان کي به وڌ کان وڌ قرآنِ ڪريم جي دُرست تلاوت ڪرڻ ۽ قرآنِ ڪريم جي احڪامن تي عمل جي ڀرپور ڪوشش ڪرڻ گهرجي.[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! راهِ جنت جي تلاش ۾ عاشقانِ رسول جو قُرب ماڻڻ، گناهن کان بچي نيڪين ۾ وقت گذارڻ جي لاءِ نيڪ ماڻهن جي صحبت اختيار ڪرڻ تمام ضروري آهي، ڇوته نيڪ ماڻهن جي صحبت ۾ ويهڻ سان گناهن کان نفرت ۽ نيڪيون ڪرڻ جو ذهن ٺهندو آهي. جيڪڏهن اسان دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ اِستقامت چاهيون ٿا ته دعوتِ اسلامي جي ذمہ داران سان ملي عملي طور تي نيڪي جي دعوت کي عام ڪرڻ وارن ڪمن ۾ شامل ٿي وڃون، ان جي برڪت سان گناهن سان بچڻ جي توفيق ملندي ۽ ان سان گڏوگڏ ٻين ماڻهن تائين نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جو موقعو نصيب ٿيندو.

[1] ......بخاری، کتاب الجهاد والسير، باب درجات المجاہدين فى سبيل الله...الخ، ۲ / ۲۵۰، الحديث: ۲۷۹۰

اسان جتي رهون ٿا، اتي جي عاشقانِ رسول جي مسجد يا ڪنهن تعليمي اِداري جي هاسٽل ۾ جيترو ممڪن ٿي سگهي، اسان کي مدني ڪمن ۾ عملي طور تي شرڪت جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. مدني ڪمن ۾ عملي طور تي شرڪت اسان جي تنظيمي وابستگي جي پختہ هئڻ جو هڪ بهترين ذريعو آهي.

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم "مدني مذاڪرو"

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ جتي گناهن کان بچڻ، نيڪين کي اپنائڻ ۽ شريعت تي عمل جي ترغيب ڏني ويندي آهي، اتي اهو ذهن بہ ڏنو ويندو آهي تہ اسان شرعي تقاضن جي مطابق پنهنجي زندگي کي ڪيئن بهتر کان بهترين بڻائي سگهون ٿا، جنّت جي تياري ڪيئن ڪري سگهون ٿا؟ مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول جون صحبتون، سُنّتن ڀري اجتماعات ۾ ٿيڻ وارا بيان، درس و بيان جا مدني حلقا سڀئي انهيءَ سلسلي جو تسلسل آهن. اهڙي طرح سوچ ۽ فڪر کي نکارڻ جو هڪ بهترين طريقو اَمِيرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علاّمہ مَولانا محمد الياس عطّار قادِري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جي مدني مذاڪرن ۾ شرڪت بہ آهي. مختلف موقعن ۽ هر هفتي ٿيڻ وارو مَدَني مذاڪرو جتي نيڪ صحبت ماڻڻ جو ذريعو آهي، اتي دل ۽ روح جي روشني جو بہ سبب آهي. اهڙي طرح " هفتيوارمدني مذاڪره" ذيلي حلقي جي 12مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم بہ آهي. هن مدني ڪم جا بيشُمار دِيني ۽ دُنياوي فائدا آهن. مَدَني مذاڪري جي بَرَڪت سان گناهن کان بچڻ جو ذهن ملندو آهي ۽ علمِ دِين حاصل ٿيندو آهي. مَدَني مذاڪري ۾ دِيني معلومات ملڻ سان گڏوگڏ اَخلاقي تربيت بہ نصيب ٿيندي آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰہ! هن مدني ڪم جي برڪت سان بيشمار ماڻهو گناهن ڀري زندگي ڇڏي نيڪيون ڪرڻ وارا بڻجي ويا آهن. اچو! بَطورِ تَرغِيب هڪ مَدَني بَهار ٻڌو ۽ پابندي سان مدني مذاڪري ۾ شرڪت جي نِيت ڪريو،

## گناهن کان توبہ ڪري ورتي!

واه ڪينٽ (پنجاب پاڪستان) جو هڪ اسلامي ڀاءُ گهڻين اَخلاقي بُرائين ۾ مبتلا هو. هڪ ڏينهن ان ڪي گهر ۾ مدني چينل هلڻ جي برڪت سان مدني مذاڪرو ڏسڻ جي سعادت نصيب ٿي، اَلْحَمْدُ لِلّٰه! مدني مذاڪرو ڏسڻ ۽ ٻڌڻ جي برڪت سان ان ڪي ڪافي سڪون مليو ۽ ان پنهنجي اڳوڻن سمورن گناهن کان توبہ ڪئي ۽ اهو فرائض و واجبات جو عامِل بڻجڻ جي ڪوشش ۾ لڳي ويو، ڇهري تي هڪ مُٺ ڏاڙهي مُبارڪ سجائي ورتي سُنّت جي مطابق مدني حُليو بہ اپنائي ورتو، الله پاڪ جو وڏيڪ فضل ۽ ڪرم اهو ٿيو تہ ان جي والدين خوشي سان ان ڪي دعوتِ اسلامي جي مدني ڪمن جي لاءِ ''وقفِ مدينہ'' ڪري ڇڏيو.

مدنی چینل کی مہم ہے نفس وشیطاں کے خلاف　　جو بھی دیکھے گا کریگا اِنْ شَآءَالله اعتراف
نفسِ اَمّارہ پہ ضَرب ایسی لگے گی زور دار　　کہ ندامت کے سبب ہوگا گنہگار اشکبار

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## رُوحاني علاج (Rohani ilaj) اَيپ جو تعارف

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** اَلْحَمْدُ لِلّٰه عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي سوشل ميڊيا (Social Media) جي هن دور ۾ جديد ذريعا اپنائيندي هر شعبي بلڪ هر طبقي جي ماڻهن ۾ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ سان گڏوگڏ مختلف انداز سان سرڪارِ مدينہ جي ڏُکايل اُمّت جي خيرخواهي ۾ بہ مصروفِ عمل آهي. اَلْحَمْدُلله! مجلس آئي ٽي (I.T) طرفان هڪ نهايت ئي پياري موبائل ايپلي ڪيشن (Application) بنام "رُوحاني علاج " (Rohani ilaj) جاري ڪئي وئي آهي، هن ايپلي ڪيشن ۾ مختلف موضوعن تي 40 روحاني علاج ٻڌايا ويا آهن مثلاً (❖) ايمان جي حفاظت جي لاءِ ڪهڙو وظيفو ڪيو وڃي؟ (❖) غُربت کان نجات ڪيئن حاصل ٿئي؟ (❖) بلائن کان حفاظت ڪيئن ٿئي؟ (❖) صالح اولاد جي لاءِ ڇا پڙهيو وڃي؟ (❖) پُٽاڻي اولاد جي لاءِ ڪهڙو وظيفو آهي؟ (❖) دل جي

ڪٿ ڪيئن لاهجي؟ (❖) اولاد فرمانبردار بڻجي، ان جي لاءِ ڪھڙو وظيفو ڪيو وڃي؟ (❖) اھو ڪھڙو وظيفو آھي جو جنھن جي برڪت سان جادُو اثر ناهي ڪندو وغيره. اڄ ئي پنھنجي موبائل ۾ اھا ايپ (App) انسٽال ڪري اوراد و وظائف جو خوب اِهتمام ڪريو ۽ ان جون برڪتون حاصل ڪريو.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شھنشاھِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان جنّت نشان آھي: جنھن منھنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنھن مون سان محبت ڪئي اھو جنّت ۾ مون سان گڏ ھوندو. [1]

سینہ تِری سُنَّت کا مدینہ بنے آقا جنّت میں پڑوسی مجھے تُم اپنا بنانا

## لباس پائڻ جون سنتون ۽ آداب

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اچو باني دعوتِ اسلامي، شيخِ طريقت، اميرِاھلسنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي ”163 مدني گل“ مان لباس جا ڪجھ مدني گل ٻڌون ٿا. پھريان فرمانِ مصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ملاحظہ ڪريو: ❖ جنّ جي اکين ۽ ماڻھن جي اوگھڙ وچ ۾ پردو اھو آھي جو جڏھن ڪپڙا لاھي تہ بِسْمِ الله چوي. (اَلْمُعْجَمُ الْاَوْسَط ج٢ص٥٩حديث ٢٥٠٤) مُفسّرِ قرآن، حڪيم الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: يعني جيئن ديوار ۽ پردو ماڻھن جي لاءِ اوٽ (يعني آڙ) بڻجي ٿو ائين ئي الله پاڪ جو ذڪر جنّن جي نگاھن کان اوٽ بڻجندو تہ جيئن جنّ ان جي شرمگاھ کي ڏسي نہ سگھن. (مرآة المناجيح،١/ ٢٦٨) ❖ جيڪو شخص ڪپڙا پائي تہ ھي

[1]...مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،٩٧/١،حديث:١٧٥

دعا پڙهي: اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِیْ کَسَانِیْ هٰذَا وَرَزَقَنِیْهِ مِنْ غَیْرِحَوْلٍ مِّنِّیْ وَلَا قُوَّةٍ ته ان جا اڳيان پويان گناهه معاف ٿي ويندا. (شُعَبُ الْاِيمان ج۵ ص۱۸۱ حديث۶۲۸۵) جيڪو قدرت باوجود سنا ڪپڙا پائڻ تواضُع (يعني عاجزي) جي ڪري ڇڏي ڏي الله پاڪ ان کي قيامت جي ڏينهن ڪرامت جو حُلّو (يعني لباس) پارائيندو. (ايضاً ص 326 حديث 4778) ❖ **خَاتَمُ الْمُرْسَلِين، رَحۡمَةٌ لّلۡعٰلَمِين** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو مبارڪ لباس اڪثر سفيد ڪپڙي جو هوندو هو. (ڪشفُ الاِلْتِباس فِي اسْتِحْبَابِ اللِّباس لِلشَّيخ عبدالْحَقّ الدّهلَوي ص۳۶) ❖ لباس حلال ڪمائي مان هجي ۽ جيڪو لباس حرام ڪمائي مان حاصل ٿئي ان ۾ فرض ۽ نفل ڪا نماز قبول ناهي ٿيندي (اَيضاً ص۱ ۴) ❖ پائڻ مهل ساڄي پاسي کان شروع ڪيو (جو سنت آهي) مثلاً جڏهن ڪُرتو پايو ته پهرين آستين ۾ ساڄو هٿ داخل ڪيو پوءِ کاٻو هٿ کاٻي آستين ۾ (اَيضاً۴۳) ❖ اهڙي طرح پاجامو پائڻ مهل پهرين ساڄي پانچي ۾ ساڄو پير داخل ڪيو ۽ جڏهن (ڪُرتو يا پاجامو) لاهيو ته ان جي برخلاف ڪيو يعني کاٻي پاسي کان شروع ڪيو **دعوت اسلامي** جي اشاعتي اداري **مڪتبةالمدينه** جي شايع ٿيل 1197 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار شريعت“ جلد 3 صفحو 409 تي آهي: سنت هي آهي ته دامن جي ڊيگهه اڌ پني تائين هجي ۽ آستين جي ڊيگهه وڌ مان وڌ آڱرين جي منڍن تائين ۽ ويڪر هڪ بالشت(گرانٺ) هجي (رَدُّالْمُحتار ج ۹ ص ۵۷۹) ❖ سنت هي آهي مرد جو تهبند (گوڏ) يا پاجامو پيڏين کان مٿي رهي. (مراٰة ، ج۶ص۹۴) مرد مردانو ۽ عورت زنانو ئي لباس پائي. ننڍن ٻارن ۽ ٻارڙين ۾ به هن ڳالهه جو لحاظ رکو ❖ **دعوت اسلامي** جي اشاعتي اداري **مڪتبة المدينه** جي شايع ٿيل 1250 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار شريعت“ جلد 1 صفحي 481 تي آهي: مرد جي لاءِ دُن کان هيٺ گوڏن جي هيٺ تائين عورت آهي يعني ان جو ڍڪڻ فرض آهي. دُن هن ۾ داخل ناهي ۽ گوڏا داخل آهن.

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مڪتبة المدينه** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار شريعت“ حصو 16 (312 صفحات) ۽

120 صفحن جو ڪتاب “سنتیں اور آداب” هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر به آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي ته جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت به ايستائين هو ڏسندو ته سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

### ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي ته تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو ته ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو ته بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.[2]

---

1 ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

2 ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

جيڪو ھي دُرُود شريف پڙھندو آھي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آھن.[1]

## ﴿4﴾ ڇھ لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا ھن دُرُود شريف ڪي ھڪ ڀيرو پڙھڻ سان ڇھ لک دُرُودشريف پڙھڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آھي.[2]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

ھڪ ڏينھن ھڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنھنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنهُ جي وچ ۾ ويھاريو، انھيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اھڙي مرتبي وارو شخص ڪير آھي جڏھن اھو ھليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: ھو جڏھن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙھندو آھي تہ ھيئن پڙھندو آھي.[3]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

---

[1]…القول البديع، الباب الثانی، ص277،

[2]…افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاة الثانیۃ والخمسون، ص149

[3]…القول البديع، الباب الاول، ص125

**شافع امم** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.**[1]

### ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

**حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس** رَضِیَ اللهُ عَنْهُما **ڪان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[2]

### ﴿2﴾ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ

(خداءِ حليم و ڪريم ڪان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: **جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.** (ابنِ عساکر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!     صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] ... الترغيب والترهيب، ج ۲، ص ۳۲۹، حديث ۳۱

2... مجمع الزوائد،کتاب الادعية،باب فی کيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305